SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVII مجريہ 2015

# SINDH ACT NO.XXVII OF 2015

# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 2015

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1.مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2.سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي 2013 جي دفعہ 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Act No.XLII of 2013
3.سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي 2013 جي شيڊول_I جي ترميم
Amendment of Schedule_I of Sindh Act No.XLII of 2013

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVII مجريہ 2015

# SINDHACT NO.XXVII OF 2015

# سنڌ مقامي حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 2015

[20 مئي 2015]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مقامي حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مقامي حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ مقامي حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2015 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

2013 جي سنڌ

2. سنڌ مقامي حڪومت ايڪٽ، 2013 ۾، جنهن کي هن

| | |
|---|---|
| ايڪٽ نمبر XLII جي دفعہ 15 جي ترميم Amendment of section 15 of Sindh Act No.XLII of 2013 | ڪانپوءِ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 15 جي شق (b) جي ذيلي شق (ii) ۾، ان هيٺان ايندڙ شرطيہ بيان کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) ايڪٽ، 2013 (2013 جي ايڪٽ نمبر LII) ذريعي ختم ڪيو ويو هيو، ان کي بحال ڪيو ويندو، ايئن ڄڻ اهو ڪڏهن ختم ئي نہ ڪيو ويو هيو. |
| 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XLII جي شيڊيول_I جي ترميم Amendment of Schedule_I of Sindh Act No.XLII of 2013 | 3. ڄاڻايل ايڪٽ جي شيڊول_I، جي حصي_B ۾ عنوان "ٽائون ڪميٽيز" هيٺيان، شرطيہ بيان کي هيٺين ريت تبديل ڪيو ويندو:<br><br>"بشرطيڪ اهو تہ ٽائون ڪميٽيز، ميونسپل ڪميٽيز ۽ ميونسپل ڪارپوريشنز جيڪي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ موجود هيون، يا ان کانپوءِ ڄاڻايون ويون، اهي انهن جي آبادي کي نظر ۾ رکندي موجود رهنديون.".<br><br>**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |